# اورادءِ وظائف
# جون برڪتون

27-December-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اوراد ۽ وظائف جون برڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف ڪائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُ الله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ ڪائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرت سَيّد محمود ڪُردي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: منهنجي امڙ سائڻ مونکي خبر ڏني تہ منهنجي والدِ ماجد (يعني حضرتِ سيّد محمود ڪُردي جا نانا جان) جنهن جو نالو محمد هو، انهن مونکي وصيت ڪئي هئي تہ جڏهن منهنجو انتقال ٿي وڃي ۽ غسال مونکي غسل ڏئي ڇڏي تہ ڇت مان منهنجي ڪفن تي هڪ سبز رنگ جو ڪاغذ (Paper) ڪرندو جنهن ۾ لکيل هوندو هٰذِهٖ بَرَاءَ ةٌ مُحَمَّدِنِ العَالِمِ بِعِلْمِهٖ مِنَ النَّار يعني محمد جيڪو عالِم آهي، ان کي عِلم جي سبب جهنم کان ڇوٽڪارو ملي ويو آهي.“ ان ڪاغذ کي منهنجي ڪفن ۾ رکي ڇڏجانءِ. بهرحال غسل کان بعد اهو ڪاغذ ڪريو، جڏهن ماڻهن ڪاغذ پڙهي ڇڏيو تہ مون ان کي ان جي سيني تي رکي ڇڏيو. ان ڪاغذ جي هڪ خاص ڳالھ هيءَ هئي تہ جهڙي

طرح صفحي جي مٿان ڪان پڙهيو ويندو هو، اهڙي طرح صفحي جي پنيان ڪان به پڙهيو ويندو هو. مون پنهنجي امڙ سائڻ ڪان پڇيو ته نانا جان جو عمل ڪهڙو هو؟ امڙ سائڻ ٻڌايو: كَانَ اَكْثَرُ عَمَلِهِ دَوَامُ الذِّكْرِمَعَ كَثْرَةِ الصَّلٰوةِ عَلَى النَّبِي يعني انهن جو هي عمل هو ته اهي هميشه ذِڪرُالله ڪرڻ سان گڏوگڏ دُرودِ پاڪ جي به ڪثرت ڪندا هئا.“

(سعادة الدارين، الباب الرابع ،اللطيفة السادسة والتسعون، ص١٥٢)

میری زبان تر رہے ذِکر و دُرُود سے
بے جاہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فضول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان! دُرودِ پاڪ ڪيترو بهترين وظيفو آهي جو اُن جي برڪت سان ماڻهن جي اکين جي آڏو جهنم جي آزاديءَ جو اجازت نامو اچي ويو، جن ماڻهن مدني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرودِ پاڪ پڙهڻ جي هيءَ برڪت پنهنجين اکين سان ڏٺي هوندي، ته يقيناً انهن جو به دُرود ۽ سلام پڙهڻ جو ذِهن بڻيو هوندو. لِهذا خاص ڪري ڏکايلن، غم جي ماريلن، پريشان حالن، مصيبت ۾ ڦاٿل ماڻهن، مريضن، حَرَمِينِ طَيّبين جي حاضريءَ جي تڙپ رکڻ وارن کي گهرجي ته اُهي اٿندي ويهندي، هَلندي ڦِرندي هر وقت آقا، مَدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي وڌ کان وڌ درود شريف پڙهڻ جي عادت بڻائن بلڪ ان کي پنهنجو وظيفو بڻائي ڇڏين. اَلْحَمْدُ لِلّٰه درودِ پاڪ جي فضيلتن تي مشتمل ڪيتريون ئي ڪتابون لکجي چڪيون آهن، وقت به وقت عالم سڳورا به ان جا فضائل ۽ ثمرات ۽ ان جون برڪتون بيان فرمائيندا رهندا آهن. اَچو! وڌيڪ ٻڌو ٿا ته دُرودِ پاڪ جي ڪَثرت ڪرڻ وارن خوش نصيب مسلمانن کي ان جون ڪهڙيون ڪهڙيون بَرڪتون ملن ٿيون، جِيئن ته

”تفسير صراط الجنان“ جلد 8 صفحي نمبر 81 تي لکيل آهي تہ (1) جيڪو خوش نصيب رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرودِ پاڪ موڪليندو آهي، ان تي الله تعاليٰ، ملائڪ سڀُورا ۽ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ دُرود موڪليندا آهن. (2) دُرود شريف خَطائن جو ڪفارو بڻجي ويندو آهي. (3) درودُ شريف سان عمل پاڪيزه ٿي ويندا آهن. (4) دُرود شريف سان درجا بُلند ٿيندا آهن. (5) گناهَن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي. (6) دُرود شريف موڪلڻ واري جي لاءِ دُرود شريف پاڻ اِستغفار ڪندو آهي. (7) ان جي عمل نامي ۾ اجر (ثواب) جو هڪ قيراط لکيو ويندو آهي، جيڪو اُحد جبل جي مِثْل هوندو آهي. (8) دُرود پڙهڻ واري کي اجر (ثواب) جو پورو پورو حصو ملندو. (9) دُرود شريف ان شخص جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جي تمام ڪمن جي لاءِ ڪافي ٿي ويندو جيڪو پنهنجي وظيفن جو سمورو وقت دُرود شريف پڙهڻ ۾ گذاري ٿو. (10) مُصيبتن کان نجات ملي ويندي آهي. (11) ان جي دُرود پاڪ جي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ گواهي ڏيندا. (12) ان جي لاءِ شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (13) دُرودِ پاڪ سان الله تعاليٰ جي رضا ۽ ان جي رحمت حاصل ٿيندي آهي. (14) الله پاڪ جي ناراضگي کان امن ملندو آهي.(15) عرش جي ڇانوَ جي هيٺ جڳهه ملندي. (16) مِيزان ۾ نيڪين جو پُڙ وزني ٿيندو. (17) حوضِ ڪوثر تي حاضري جو موقعو ميّسر ايندو. (18) قيامت جي اُڃ کان محفوظ ٿي ويندو. (19) جهنم جي باهه کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو. (20) پُل صراط تي هلڻ آسان ٿيندو. (21) مرڻ کان اڳ ۾ جنت جي جڳهه ڏسي وٺندو. (22) جنت ۾ ڪيتريون ئي زالون ملنديون. (23) دُرود شريف پڙهڻ واري کي ويهه (20) غزوات کان بہ وڌيڪ ثواب ملندو. (24) دُرود شريف تنگدست جي حق ۾ صدقي جي قائم مقام ٿيندو. (25) درود شريف سمورو پاڪيزگي ۽ طهارت آهي. (26) دُرود شريف جي پڙهڻ سان مال ۾ برڪت ٿيندي آهي. (27) هن جي ڪري (100) بلڪ ان کان بہ وڌيڪ حاجتون پوريون ٿينديون آهن. (28) هي هڪ عبادت آهي. (29) دُرود شريف الله تعاليٰ جي نزديڪ پسنديده عملن مان آهي. (30) دُرود شريف مَجلِسن (محفلن) جو

سينگار آهي. (31) دُرودشريف سان غربت ۽ فقر دور ٿيندو آهي. (32) زندگيءَ جي تنگي دور ٿي ويندو آهي. (33) هن جي ذريعي خير جون جايون ڳوليون ويندون آهن. (34) دُرود شريف پڙهڻ وارو قيامت جي ڏينهن سمورن ماڻهن کان وڌيڪ حضور انور، شافع محشر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهو هوندو. (35) دُرود شريف سان درود پڙهڻ وارو پاڻ، ان جا پٽ پوٽا فائدو حاصل ڪندا. (36) اهو به فائدو حاصل ڪندو جنهن کي دُرود شريف جو ثواب پهچايو ويو. (37) الله پاڪ ۽ ان جي رسولِ ڪريم، رؤف و رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قرب نصيب ٿيندو. (38) هي دُرود هڪ نور آهي، هن جي ذريعي دشمنن تي فتح حاصل ڪئي ويندي آهي. (39) نفاق (منافقت) ۽ زنگ کان دل پاڪ ٿي ويندي آهي. (40) دُرود شريف پڙهڻ واري سان ماڻهون محبت ڪندا آهن. (41) خواب ۾ حضور پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿيندي آهي. (42) دُرود شريف پڙهڻ وارو ماڻهن جي غيبت کان محفوظ رهندو آهي. (43) دُرود شريف سمورن عملن کان وڌيڪ برڪت وارو ۽ افضل عمل آهي. (44) دُرود شريف دينِ ۽ دنيا ۾ وڌيڪ نفع بخش (يعني فائدو ڏيڻ وارو) آهي ۽ ان کان علاوه هن وظيفي ۾ ان سمجهدار ماڻهوءَ جي لاءِ تمام گهڻو ثواب آهي.

الله ڪريم اسان کي ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين. (صراط الجنان،۸/۸۱)

ڪربلا والوں کا صدقہ یانبی!
دُور ہوں رَنج و اَلَم چشمِ کرم
وِردِ لب ہر دم دُرودِ پاک ہو
یا شہِ عرب و عجم! چشمِ کرم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

**بيان ٻڌڻ جون نِيّتون**

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي هن هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ اسان اوراد ۽ وظائف جون برڪتون، آداب ۽ شرائط، واقعا ۽ حڪايتون، قرآني آيتون، حديثون ۽ بزرگن جا اقوال ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. ان کان علاوه ڪجهه قرآني سورتن جا فضائل، برڪتون ۽ خاصيتون ۽ معلومات سان ڀرپور مدني گل به بيان ڪيا ويندا. ڪاش! پورو بيان سٺين نيتن سان گڏ مڪمل توجهه سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (۱)وظيفي جي برڪت سان زنجيرون ٽٽي ويون

مشهور سيرت نگار حضرت سيدنا محمد بن اسحاق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو بيان آهي، حضرت مالڪ اشجعي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ حضور نبِي ڪريم، رؤف و رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين، منهنجو پٽ عوف (دشمنن جي) قيد ۾ آهي، مصطفيٰ جانِ رحمت، شمع بزمِ هدايت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي ارشاد فرمايو: تون پنهنجي پٽ ڏانهن هي پيغام پهچاءِ تہ الله پاڪ جا رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ڪثرت سان لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه پڙهڻ جو حڪم ڏين ٿا.

حضرت سيدنا عوف بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي دشمنن زنجيرن ۾ ٻڌِي رکيو هو، پر هن وظيفي جي برڪت سان ان جون زنجيرون ٽٽي ويون، اهو دشمنن جي قيد مان نڪري ڪري انهن جي هڪ ڏاچيءَ تي سوار ٿي ڪري هلي پيو. رستي ۾ هڪ چراگاهہ ۾ دشمنن جا جانور چري رهيا هئا. جڏهن سندن انهن کي پڪاريو تہ اهي سڀ جا سڀ ڊوڙندي پڄندي سندن جي پنيان هلي پيا. جڏهن پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ گهر پهتا تہ دروازي (Door) تي اچي پنهنجي والدين کي پڪاريائون تہ سندن جا والدين خوشي مان جهومي پيا ۽ حيران بہ ٿي رهيا هئا تہ عوف تہ قيد ۾ هئا پوءِ ڪيئن هتي اچي ويا؟. بهرحال جڏهن سندن جا والدين ۽ سندس خادم دروازي ڏانهن ويا تہ ڏٺائون تہ حضرتِ عوف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪيترن ئي اُٺن سان گڏ موجود آهن، پاڻ پنهنجي والِدين کي پنهنجي ۽ اُٺن جي معاملي جي باري ۾ آگاهہ ڪيو. سندن جي والِدِ محترم حضرتِ عوف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فرمايو: بيهو! مان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي انهن اُٺن جي باري ۾ سوال ڪندس (تہ هي اُٺ اسان جي لاءِ حلال آهن يانہ؟) اهڙي طرح سندن جي والِدِ محترم بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿي ڪري عوف ۽ اُٺن جي باري ۾ عرض ڪيو، سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي ارشاد فرمايو: انهن اُٺن کي اوهان جيڪو چاهيو ڪريو (يعني اهي اُٺ توهان جي لاءِ حلال آهن). تفسير ابن کثير، پ۲۸،سورة الطلاق،تحت الأية: ۲،۳،۸/۱۷۰

شکر ایک کرم کا بھی ادا ہو نہیں سکتا
دل اُن پہ فدا جانِ حَسن اُن پہ فدا ہو
(ذوقِ نعت،ص۲۰۷)

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! پڙهو اوهان! اوراد ۽ وظائف جون ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون ظاهر ٿينديون آهن جو جڏهن حضرتِ عوف بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کي دشمنن قيد ڪري ڇڏيو، تہ سندن نبيِ ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عطا ڪيل وظيفي کي ڪثرت سان پڙهيو تہ قدرتِ الاهي جي جلوَنً جون بهارون اچي ويون، الله پاڪ جي مدد شاملِ حال ٿي وئي، زنجيرون خودبخود ٽٽي پيون، قيد مان آزادي نصيب ٿي وئي، سندن جي ڪرامت سان اُنن جو ڏڻ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي آواز تي سندن جي پنيان پنيان هلڻ لڳو ۽ پاڻ الله پاڪ جي رحمت جو نظارو ڪرڻ کان پوءِ خوشي خوشي پنهنجي گهر ڏانهن روانا ٿي ويا. بيان ڪيل حڪايت مان جتي ڪيترائي خوشبودار مدني گل پنهنجي خوشبو پکيڙي رهيا آهن اتي اسان کي لاحَوۡل شريف جي اهميت بہ معلوم ٿي تہ هي هڪ اهڙو طاقتوَر (Powerfull) وظيفو آهي جيڪو مشڪلات جي دلدل مان ڪڍڻ ۾ نهايت فائديمند آهي، لهٰذا جڏهن بہ ڪا مشڪل يا بيماري اچي وڪوڙي مثال طور: گهبراهٽ ٿيندي هجي، جاني يا مالي نقصان ٿي وڃي، مثلاً گاڏي، سامان يا رقم چوري ٿي وڃي، گهر، دڪان يا فيڪٽري ۾ باهہ لڳي وڃي، ناانصافي يا ڌوڪو ٿي وڃي، دشمنن جو خوف، سڪون ختم ڪري ڇڏي، حالات خراب ٿي وڃن، ناحق ڪنهن مقدمي ۾ ڦاسايو وڃي، ڪو حادثو ٿي وڃي، قرض لَهڻيندڙ قرض وٺڻ جو مطالبو ڪن، انڌاري، سيلاب يا زلزلو اچي وڃي، گهر ۾ ڪو بيمار ٿي وڃي الغرض هر حال ۾ لَاحَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّابِاللّٰه جي ڪثرت ڪئي وڃي، اِنۡ شَآءَاللّٰه فائدو ٿيندو ۽ فائدو ڇو نہ ٿي جو خود رسول پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي زبانِ حق ترجمان سان لاحول شريف جا فضائل ۽ ان جي برڪتن کي بيان فرمايو آهي. اچوتہ! برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ 4 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا، جيئن تہ

(1) ارشاد فرمايائين: لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّابِاللّٰه پڙهندا ڪيو، ڇو جو هي جنت جي خزانن مان هڪ خزانو آهي.(مسلم، کتا ب الذکرو الدعاء باب استحباب خفض الصوت بالذکر ،حدیث : ۲۷۰۴، ص۱۱۱۲)

(2) ارشاد فرمايائين: ڇا مان توهان کي جنت جي دروازن مان هڪ دروازي جي باري ۾ نہ ٻڌايان؟ عرض ڪئي وئي، اهو ڪهڙو آهي؟ ارشاد فرمايائين: لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّابِاللّٰه (مجمع الزوائد ،کتا ب الاذکار، باب ماجاء فی لاحول ولاقوۃ الا باللہ ،۱۱۸/۱۰،حدیث: ۱۶۸۹۷)

(3) ارشاد فرمايائين: جنهن: لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّابِاللّٰه پڙهيو تہ هي (ان جي لاءِ) نوانوي (99) بيمارين جي دوا آهي، انهن مان سڀ کان هلڪي بيماري رنج ۽ غم آهي. (التر غیب والترھیب ، کتاب الذکر والدعاء، التر غیب فی قول لا حول ولا قوۃ الا با اللہ ،۲۹۱/۲، رقم: ۲۴۴۸)

(4) ارشاد فرمايائين: اي علي (رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ)! مان توکي اهڙا ڪلما نہ ٻڌايان، جنهن کي تون مصيبت جي وقت پڙهي وٺين، عرض ڪيائين ضرورارشاد فرمايو! اوهان تي منهجي جان قربان! سموريون ڀلايون مون اوهان کان ئي سکيون آهن، ارشاد فرمايائين: جڏهن تون ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسي وڃين تہ هن طرح پڙهہ: بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ وَلَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ پوءِ الله پاڪ ان جي برڪت سان جن بلائن کي چاهيندو دور فرمائي ڇڏيندو. (عَمَلُ الْيَوْمِ وَاللَّيْلَةِ،ص۱۲۰)

ان کان علاوه عالمن سڳورن بہ لَاحوَل شريف جي برڪتن کي بيان ڪيو آهي. جيئن تہ

حڪيم الأمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه لکن ٿا: صوفياءِ ڪرام (رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم اجمعين) فرمائن ٿا: جيڪو بہ صبح ۽ شام ايڪيهہ (21) ڀيرا لاحَوۡل شريف (يعني وَلَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ) پاڻيءَ تي دم ڪري پيئندو ڪري تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه شيطاني وسوسن کان امن ۾ رهندو. (مرآۃالمناجیح،۸۷/۱ملخصاً)

بلاؤں نے مجھے ہر سَمت سے کچھ ایسا گھیرا ہے مرے بڑھتے ہی جاتے ہیں مسائل یارسولَ اللہ

تمھیں دیتا ہوں مولٰی واسِطہ میں چار یاروں کا مرے ہوجائیں طے مشکل مراحل یارسولَ اللہ
(وسائل بخشش مرمم،ص۳۳۵)

## (۲) صبح ۽ شام جي تعريف

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة شجره ۽ قادريہ، رضويہ، ضيائيہ، عطاريہ جي صفحي نمبر 11 تي صبح ۽ شام جي تعريف بيان ڪندي تحرير فرمائن ٿا: اڌ رات ختم ٿيڻ کان وٺي سج جي پهرين شعاع چمڪڻ تائين ”صبح“ آهي. هن سڄي وقفي ۾ جيڪو ڪجهه پڙهيو وڃي ان کي صبح ۾ پڙهڻ چونداسين ۽ منجهند ختم ٿيڻ (يعني ظهر جي ابتدائي وقت) کان وٺي غروبِ آفتاب تائين ”شام“ آهي. هن پوري وقفي ۾ جيڪو ڪجهه پڙهيو ويندو ان کي شام ۾ پڙهڻ چونداسين. (شجرۂ قادريہ رضويہ ضيائيہ عطاريہ،ص۱۱)

اچو! فتاويٰ رضويہ جلد 23، صفحو 339 مان هڪ معلوماتي سوال جواب سان حاصل ٿيڻ وارا مدني گل پڙهون ٿا:

(1) جڏهن بہ ڪو وظيفو پڙهيو وڃي تہ اهو ڪنهن جائز ڪم کي پورو ڪرڻ جي لاءِ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عاجزي ڪرڻ جو ذريعو هجي(اهڙي طرح جي عاجزي دعا آهي ۽ دعا عبادت جو مغز آهي). پڻ هن وظيفي کي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ وسيلو بڻائي ۽ ثواب جي نيت سان وظيفو ڪري.

(2) هنن نيتن سان وظيفو مسجِد ۾ بہ ڪري سگهجي ٿو.

(3) جيڪڏهن وظيفو صرف هن نيت سان ڪيو وڃي تہ منهنجو ڪم ٿي وڃي تڏهن بہ جائز تہ آهي پر ثواب نہ ملندو ۽ اهڙا وظيفا مسجد ۾ نہ ڪرڻ بهتر آهن.

(4) هي ڪيئن خبر پوندي تہ وظيفو ثواب ۽ دعا سمجهي ڪري ڪَري رهيا آهيون يا پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ؟ ان جي هڪ نشاني هيءَ آهي تہ

جيڪڏهن وظيفو ڪرڻ جي باوجود مقصد نہ مِليو تہ وظيفو ئي ڇڏي ڏنو تہ اهو وظيفو پنهنجي ڪم ڪڍڻ جي لاءِ ئي هو، چو تہ جيڪڏهن دعا ۽ ثواب سمجهي ڪري ڪَري ها تہ جاري رکي ها.

(5) وظيفو جائز ڪم جي حصول جي لاءِ هجي. جيڪڏهن ناجائز ڪم جي لاءِ هجي مثال طور زال مڙس ۾ لڙائي ڪرائڻ جي لاءِ تہ اهو وظيفو بہ ناجائز آهي.

(6) وظيفو جيڪڏهن ڪنهن جائز ڪم جي لاءِ ئي هجي، پر ڪنهن ناجائز طريقي سان هجي مثلاً سفلي(شيطاني جادو) وغيره جي ذريعي تڏهن بہ ناجائز آهي. (فتاویٰ رضويہ،۲۳/۳۸۹ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عمومي طور جڏهن انسان بيمار هوندو آهي تہ سڌو ڪنهن ڊاڪٽر يا حڪيم وٽ ويندو آهي، اهو ڊاڪٽر يا حڪيم مريض جي حالت جي مطابق ان کي ڪجھ شين جي پرهيز ڪرڻ ٻڌائيندو آهي، مثال طور ساديون غذائون کائڻ جي تاڪيد ڪندو آهي، ۽ چوندو آهي تہ جيڪڏهن پرهيز ڪندي تہ ئي دوا اثر ڪندي، پرهيز ڪرڻ سان جلد علاج ٿيندو، جيڪڏهن پرهيز نہ ڪيو ويو تہ سواءِ پيسا ضايع ڪرڻ جي ڪجھ هٿ نہ ايندو. هاڻي مريض جيڪڏهن پنهنجي طبيب جي هدايت جي مطابق دوا (Medicine) وقت تي کائي ۽ پابندي سان پرهيز بہ جاري رکي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اهو جلد صحتياب ٿي ويندو، پر جيڪڏهن اهو وقت تي دوا نہ کائي، منع ڪيل شيون بہ پيٽ ڀري کائيندو پيئندو رهي، ان جي دل ۽ دماغ ۾ هن طرح جا خيال بہ ايندا رهن تہ خبر ناهي دوا اثر ڪندي يا نہ، خبر ناهي مونکي شفا ملندي يا نہ، ڪٿي هن مان مونکي ڪو نقصان تہ نہ ٿيندو؟ پوءِ يقيناً اهڙو شخص تمام وڏو نادان آهي.

اهڙي طرح اوراد ۽ وظائف جو معاملو آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص اوراد ۽ وظائف جي اصولن ۽ قانونن جي پابندي نہ ڪري، جن شين کي ڪرڻ گهرجي،

انهن کان غافل رهي ۽ جن سان بچڻ گهرجي، انهن ۾ مُبتَلا رهي، ان جي دل ۽ دماغ ۾ اهڙا خيال ايندا رهن ته خبر ناهي وظيفو ڪرڻ سان بيماري دور ٿيندي يا نه، وظيفو ڪرڻ سان روزيءَ ۾ برڪت ٿيندي يا نه، وظيفو ڪرڻ سان الله پاڪ جي رحمت نازل ٿيندي يا نه، وظيفو ڪرڻ سان نياڻيءَ جي شادي ٿيندي يا نه، ڪٿي وظيفو ڪرڻ سان دماغ خراب ته نه ٿي ويندو، ڪٿي وظيفو ڪرڻ سان اُبتو مونکي نقصان ته نه ٿيندو وغيره پوءِ اهڙو شخص پنهنجي مقصد ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهندو ۽ نه ئي ان کي اوراد ۽ وظائف جو ڪو فائدو نصيب ٿيندو. جڏهن ته ان جي مقابلي ۾ اوراد ۽ وظائف جي شرطن ۽ آدابن جي رعايت ڪرڻ واري کي ان جا ڀرپور فائدا ملندا آهن. جيئن ته

## اوراد ۽ وظائف جا ضروري آداب

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب” جنتي زيور“ ۾ آهي: ياد رکو ته جهڙي طرح جڙين ٻوٽين ۽ سيني دوائن جي تاثير اُنهيءَ وقت ظاهر ٿيندي آهي جڏهن اُنهيءَ ترڪيب سان اهي دوائون استعمال ڪيون وڃن جيڪي ان جي استعمال جا طريقا آهن، اهڙي طرح عمليات ۽ تعويذن جون به ڪجھ شرطون ڪجھ ترڪيبون ۽ ڪجھ ضروري شيون هونديون آهن ته جيستائين انهن سيني شين جي رعايت نه ڪئي وڃي، عمليات جي تاثير ظاهر نه ٿيندي ۽ فيض ۽ برڪتون حاصل نه ٿينديون، انهن شرطن مان ست (7) شرطون نهايت اهم ۽ انتهائي ضروري آهن جو جن جي بغير قرآني اعمال ۾ تاثير جي اميد رکڻ ناداني آهي. اهي شرطون هي آهن:

## عملن ۽ دعائن جون 7 شرطون

(1) حلال ګرھ کائڻ ۽ حرام غذائن کان بچڻ. (2) سچ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙ کان هميشہ بچندو رهڻ. (3) نيت کي درست ۽ پاڪيزه رکڻ جو هر نيڪي الله ڪريم ئي جي لاءِ ڪرڻ. (4) شريعت جي احڪامن جي پوري پوري پابندي ڪرڻ. (5) الله ڪريم جي دين جي ٽنين مثال طور قرآن، ڪعبو، نبي، نماز،

وغيره جي تعظيم ۽ بزرگانِ دين جو هميشہ ادب ۽ احترام ڪرڻ. (6) جيڪو بہ وظيفو پڙهو دل جي حضوري (يعني مڪمل توجھ) سان پڙهو. (7) جيڪو عمل ۽ وظيفو پڙهو ان جي تاثير تي پورو پورو يقين (conviction) ۽ پختو عقيدو رکڻ. جيڪڏهن شڪ ۽ شبهو ٿيو تہ وظيفي يا عمل ۾ اثر نہ رهندو. هنن 7 شرطن ڪان علاوه اعمال ۽ وظائف جا ڪجھ ضروري آداب بہ آهن. هر عمل ڪرڻ واري تي لازم آهي تہ اهو انهن آدابن جو بہ خيال ۽ لحاظ رکي، نہ تہ دعائن ۽ وظيفن جي تاثير ۾ ڪمي ٿي وڃڻ لازمي آهي. اچو! ڪجھ اهم ۽ ضروري آداب جو تذڪرو ٻڌون ٿا:

## وظائف جا 9 ضروري آداب

(1) هر عمل يا وظيفو ڪندي وقت نهايت ئي خشوع ۽ خضوع سان اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ عاجزي ۽ نيازمندي جو اظهار ڪري. (2) هر عمل ۽ وظيفو شروع ڪرڻ ڪان پهريان ڪجھ صدقو ۽ خيرات ڪري. (3) هر عمل ۽ وظيفي جي اوّل ۽ آخر دُرودِ پاڪ جو ورد ڪري. (4) وظيفن ڪان پوءِ جڏهن پنهنجي مقصد جي لاءِ دعا گهري تہ هڪ ئي ڀيرو دعا گهري ڪري بس نہ ڪري بلڪ باربار روئي روئي دعا گهري. (5) جيستائين ٿي سگهي هر دعا ۽ وظيفو وغيره عمليات کي اڪيلائي ۾ پڙهي جتي نہ ڪنهن جو اچڻ وڃڻ هجي نہ ڪنهن جو آواز اچي. (6) ڪنهن مسلمان کي نقصان پهچائڻ جي لاءِ هرگز هرگز نہ ڪو عمل ڪري نہ ڪو وظيفو پڙهي. (7) جڏهن بہ ڪو عمل ڪري يا وظيفو پڙهي تہ ان دوران تمام گهٽ کائي ۽ سادي غذا کائي پيٽ ڀري ڪري نہ کائي ڇو تہ پيٽ ڀريل ماڻهو اڪثر دعا جي تاثير سان محروم رهندا آهن. (8) وظائف پڙهڻ جي دوران بدن ۽ ڪپڙن جي پاڪي ۽ صاف سٿرائي جو خاص طور تي خيال ۽ لحاظ رکي بلڪ خوشبو ۽ عطر(fragrance) بہ استعمال ڪري ۽ ظاهري پاڪائي ۽ صفائي سان گڏوگڏ پنهنجا اخلاق ۽ ڪردار ۽ باطني صفائيءَ جو بہ اهتمام رکي. (9) هر عمل سني وقت ۾ ڪري ۽ هر وظيفو قبلي جي طرف منهن ڪري پڙهي. (جنتی زیور،ص۵۷۵،۵۷۶ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪڏهن ڪڏهن اوراد و وظائف جا فضائل ۽ برڪتون ٻڌي ڪري پڙهڻ جو ذهن تہ ٺهندو آهي، پر ان تي استقامت ناهي ملي سگهندي، ان جا ٻہ بنيادي سبب ٿي سگهن ٿا، (1) هڪ تہ هي شايد اسان کي درست پڙهڻ ناهي ايندو، جنهن جي سبب سان اسان اوراد و وظائف پڙهڻ سان محروم رهندا آهيون. هن ڪمزوريءَ کي دور ڪرڻ گهرجي. هونءَ بہ اسان کي نماز تہ پڙهڻي ئي پڙهڻي آهي، تلاوتِ قرآنِ بہ ڪرڻي ئي آهي، اسان قرآنِ پاڪ درست پڙهڻ سکي وٺون، هن جي برڪت سان اوراد ۽ وظائف درست پڙهڻ آسان ٿي ويندا. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ! دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ قرآنِ پاڪ کي مخارج جي درستگي سان پڙهڻ جو باقاعده اهتمام ڪيو ويندو آهي. مجلس مدرسة المدينہ بالغان جي تحت ملڪ ۽ بيرونِ ملڪن ۾ هزارين مدرسة المدينہ بالغان مسجدن، مارڪيٽن، ۽ دفترن وغيره ۾ لڳايا ويندا آهن، جن ۾لکين عاشقانِ قرآن، في سبيل الله تعليمِ قرآن حاصل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. انهن عاشقانِ رسول ۾ اسان بہ شامل ٿي ڪري درست مخارج سان قرآنِ ڪريم سکڻ جي سعادت حاصل ڪيون.

دعوتِ اسلامي اسان کي"مجلس مدرسة المدينہ آن لائن" جي تحت انٽرنيٽ جي ذريعي آن لائن قرآنِ پاڪ پڙهڻ جو موقعو بہ فراهم ڪري رهي آهي. اوراد ۽ وظائف ۾ سستي جو (2) ٻيون سبب هي ٿي سگهي ٿو تہ شايد اسان جلد گهبرائجي ويندا آهيون تہ فلاڻي وظيفي تي تہ هيترو وقت لڳي ٿو، مون وٽ ايترو وقت ئي ناهي، هن ڪمزوريءَ کي دور ڪرڻ جي لاءِ اچو تہ! هڪ مثال جي ذريعي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا:

جيڪڏهن ڪنهن کي طويل(ڊگهو) سفر ڪرڻو هجي، مثال طور مرڪز الاوليا (لاهور) کان باب المدينہ (ڪراچي) وڃڻو هجي تہ اهو وقفي وقفي سان رستي تي ڏنل ڪلو ميٽرن جي نشانن کي ڏسندو آهي تہ هاڻي ايترو سفر باقي

آهي، هاڻي ايترو سفر باقي آهي، انهن ڪلو ميٽرن جي نشانن ڪي ڏسندي رهڻ سان اُن ڪي محسوس ٿيندو آهي تہ شايد اُن جو سفر آسان ٿيندو پيو وڃي، ايستائين جو اهو پنهنجي منزل تي پهچي ويندو آهي.

انهيءَ طرح ثواب تي نظر رکي وڃي ۽ اولاً ڪجھ وظيفن جي لاءِ وقت جو اندازو لڳايو وڃي تہ فلاڻي وظيفي کي پڙهڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو آهي. مثال طور سورة ملڪ جي تلاوت ڪرڻ ۾ تقريباً 5 منٽ لڳندا آهن، شجرهءِ قادريہ، رضويہ، ضيائيہ، عطاريہ ۾ ڏنل اوراد ۽ وظائف مان روزانو جو هڪ وظيفو آهي جنهن کي 70 ڀيرا پڙهڻو پوندو آهي. ۽ اهو هي آهي اَسْتَغْفِرُاللّٰہَ الْعَظِيْمَ وَاَتُوْبُ اِلَيْہِ هن تي تقريباً 4 منٽ لڳندا آهن. 166 ڀيرا هي پڙهڻو هوندو آهي ”لَآاِلٰہَ اِلَّااللّٰہُ“ (آخر ۾ ”مُحَمَّدٌرَّسولُ اللّٰہ“ هن تي تقريبًا سَوا 4 منٽ لڳندا آهن، 111 ڀيرا جيڪڏهن دُرود شريف صَلَّى اللّٰہُ عَلٰى مُحَمَّد پڙهيو وڃي تہ تقريباً ساڍا چار ($4^1/_2$) منٽ لڳندا آهن. ٽئي قل (سُورۂ اِخلاص، سُورۂ فَلَق اور سُورۂ نَاس) پڙهڻ واري جي لاءِ هر بلا کان حفاظت جي خوشخبري آهي، هن وظيفي تي تقريباً ڏيڍ ($1^1/_2$) منٽ لڳندو آهي، اهڙي طرح اسان غور ڪندا وڃون، تہ ڪيئي وظائف ٻيا بہ اهڙا هوندا، جن تي تمام مختصر وقت يعني صرف ڪجھ منٽ لڳندا آهن، هن انداز سان جائزو وٺڻ ڪان الله پاڪ جي رحمت مان اميد آهي تہ پڙهڻ ۾ ثابت قدمي ۽ استقامت نصيب ٿيندي. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ

پوءِ اسان هي بہ غور ڪيون تہ اسان جا روزانو خبر ناهي ڪيترا ڪلاڪ فضول گفتگو ۾ گذري ويندا هوندا، جنهن ۾ غيبت بہ ٿي ويندي هوندي، ڪيترن ئي مسلمانن جي دل آزاري بہ ڪري ڇڏيندا هونداسين، زبان جي بي احتياطي جي سبب ڪوڙ بہ نڪري ويندو هوندو. الله پاڪ اسانکي زبان جو درست استعمال ڪندي ڪثرت سان پنهنجو ذڪر ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

ذِکر و دُرود ہر گھڑی وِردِ زباں رہے    میری فُضول گوئی کی عادت نکال دو

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۳۰۵)

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! جيڪي خوش نصيب اوراد ۽ وظائف جي شرطن ۽ آدابن کي مدّنظر رکندي ڪو وظيفو يا وِرد ڪندا آهن تہ اهي فائدي ئي فائدي ۾ هوندا آهن ۽ اهي پنهنجي مراد حاصل ڪرڻ ۾ بہ ڪامياب ٿي ويندا آهن.
اچو!هن بابت هڪ ايمان افروز حڪايت پڙهو، جيئن تہ

## مَا شَآءَ اللّٰهُ کَانَ جو وظيفو ڪرڻ تي انعام

حضرت سَيِدُنا ابوبڪر بن زيَّات رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه سان منقول آهي: هڪ شخص حضرتِ سيدنا معروف ڪَرخِي رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: حضور! اَڄ صبح اسان وٽ ٻار جي ولادت ٿي آهي، مان سڀ کان پهريان اوهان وٽ هيءَ خبر کڻي آيو آهيان تہ جيئن اوهان جي برڪت سان اسان جي گهر ۾ ڀلائيءَ جو نزول ٿئي. حضرت سيدنا معروف ڪَرخِي رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه جن فرمايو: اللّٰه پاڪ توهان کي پنهنجي حفاظت ۾ رکي. هتي ويهو ۽ (100) ڀيرا هي الفاظ چئو: مَاشَآءَاللّٰهُ کَانَ يعني اللّٰه پاڪ جيڪو چاهيو اهو ئي ٿيو. پوءِ ان سؤ(100)ڀيرا اهي الفاظ ڏهرايا پاڻ رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه فرمايو: ٻيهر اهي ئي الفاظ ڏهرايو. ان سؤ(100)ڀيرا وري اهي ئي الفاظ ڏهرايا. فرمايائين: وري اهي ئي الفاظ ڏهرايو. اهڙي طرح (5) ڀيرا ان کي حڪم ڏنو. بهرحال ان پنج سؤ (500) ڀيرا اهي الفاظ ڏهرايا. ايتري ۾ وزير جي والده اُمّ جعفر جو خادم هڪ خط ۽ ٿيلي کڻي حاضر ٿيو ۽ چيائين: اي معروف ڪرخي رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه! اُمّ جعفر اوهان رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه کي سلام چوي ٿي، اُن هيءَ ٿيلي اوهان رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه جي خدمت ۾ موڪلي آهي ۽ چيو آهي تہ غريبن ۽ مسڪينن ۾ هيءَ رقم تقسيم ڪري ڇڏيو. هي ٻڌي ڪري پاڻ رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه پيغام کڻي اچڻ واري کي فرمايو: رقم جي ٿيلي هن شخص کي ڏئي ڇڏيو، هن جي گهر ۾ ٻار جي ولادت ٿي آهي، ان چيو: هي پنج سو(500) درهم آهن، ڇا سڀئي هن کي ڏئي ڇڏيان؟ فرمايائين: ها! سڀ رقم هن

ڪي ڏئي ڇڏ. هن پنج سئو(500) پيرا مَاشَآءَاللّٰهُ كَانَ ڇيو هو.
پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان شخص جي طرف متوجهه ٿيا ۽ فرمايائين: هي پنج سؤ (500) درهم توهان ڪي مبارڪ هجن، جيڪڏهن تون هن ڪان زياده پيرا ڇئين ها ته اسان ٻه ايتري ئي مقدار اجان وڌائي ڏيون ها. وجو! هيءَ رقم پنهنجي اهل ۽ عيال تي خرچ ڪيو.(عيون الحکايات ،ص ٢٧٧)

چاہیں تو اِشاروں سے اپنے کایا ہی پلٹ دیں دنیا کی
یہ شان ہے خدمتگاروں کی سرکار کا عالم کیا ہوگا!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان اسان ڪي ٻه مدني گل حاصل ٿيا: (1) ٻهريان جي ماڻهن ڪي جڏهن ڪا نعمت ملندي هئي، ٻهريان جي ماڻهن ڪي جڏهن ڪنهن شي جي ضرورت هوندي هئي ته اهي الله وارن جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندا هئا، انهن ڪي معلوم هئو ته الله وارا الله پاڪ جا محبوب ۽ مقرب ٻانها هوندا آهن، الله وارا الله پاڪ جي عطا سان بااختيار هوندا آهن، الله وارن وٽ الله پاڪ جي عطا سان الله پاڪ جا خزانا هوندا آهن، الله وارن جي برڪت وٺڻ باعثِ سعادت آهي، الله وارا، الله پاڪ جي عطا سان پنهنجي عقيدت مندن ڪي انهن جي اميدن ڪان وڌيڪ عطا فرمائي ڇڏيندا آهن، (2) ٻيو مدني گل هي مليو ته الله وارن جي ٻڌايل اوراد ۽ وظائف جون تمام گهڻيون برڪتون آهن، ڪجهه ماڻهو بازارن ۾ دستياب عمليات جون ڪتابون خريدي ڪري آٽيندا آهن،، اهڙي طرح ڪجهه ماڻهون انٽرنيٽ جي ذريعي ڪو وظيفو ڳوليندا آهن، پوءِ پنهنجي ڪنهن ٻه مشڪل ۽ بيماريءَ ۾ ڪنهن باعمل عالم يا ڪنهن صحيح العقيده وليءِ ڪامل وٽ وڃڻ يا ان سان اجازت وٺڻ جي بغير پاڻ ئي عامل بڻجي ويهندا آهن، ايئن ئي ڪجهه ماڻهو پنهنجي طرف سان وظائف ايجاد ڪري نيم حڪيم خطرهءِ جان بڻجي ڪري ٻين جي زندگي داؤ

تي لڳائي ڇڏيندا آهن. اهڙن جي متعلق پوءِ هر ايندڙ ڏينهن خبرون (News) ٻڌڻ جي لاءِ ملنديون آهن تہ فلاڻي جو دماغ ڦاٽي پيو، فلاڻو چريو ٿي ويو وغيره. لهٰذا ڪتابن، انٽرنيٽ ۽ پنهنجي ناقص عقل تي اعتماد ڪرڻ جي بجائي هميشہ ڪنهن باعمل ۽ مُسْتَنَد عامل يا پير ڪامل جا ٻڌايل وظيفا ئي پڙهڻ جي ترڪيب ٺاهڻ گهرجي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! موجوده دور ۾ امير اهلِ سنت حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي صورت ۾ هڪ ڪامل ۽ اڪمل عامل، عالم ۽ پيرِ ڪامل موجود آهن پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جا عطا ڪيل تعويذات ۽ وظائف نهايت اثر رکندڙ هوندا آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اميراهلسنت مسلمانن جي خيرخواهي جي عظيم جذبي جي تحت مشهور قرآني سورتن، دُرودن، روحاني ۽ طبي علاجن ۽ خوشبودار مدني گلن جو دلچسپ مدني گلدستو ”مدني پنج سورو“، علاج جي گهريلو نسخن تي مشتمل مدني گلدستو ”گهريلو علاج“ ۽ الله ڪريم جي مبارڪ نالن جي برڪتن سان معمور رسالو ”چاليهہ روحاني علاج پڻ طبي علاج“ جا تحفا اُمت کي عطا فرمايا آهن. ان کان علاوه هنن رسالن”بيمار عابد“، زنده بيٹی کنويں ميں چھينک دی، چڑيا اور اندھا سانپ، مينڈک سُوار بچھو ۽ ”پردي جي باري ۾ سوال جواب“ ۾ بہ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ڪيئي وظائف تحرير فرمايا آهن.

لهٰذا هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندي رهڻ سان ۽ جعلي عاملن جي هٿي چڙهڻ کان بهتر آهي تہ هنن ڪتابن ۽ رسالن کي اَڄ ئي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي طلب ڪيو ۽ ٻين کي بہ تحفي طور پيش ڪيو. دعوت اسلامي جي ويب سائٽ ilyasqadri اور www.dawateislami.net تان هنن ڪتابن ۽ رسالن کي پڙهي بہ سگهجي ٿو.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”بعدِ فجر مدني حلقہ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مصيبتن، تڪليفن، پريشانين، بيمارين ۽ لاعلاج سجهيو ويندڙ مرضن کان نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي سان وابسته ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان ڪنهن هڪ مدني ڪم جي ذميداري وٺو.

ياد رهي! ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”بعدِ فجر مدني حلقو“ بہ آهي جنهن ۾ نمازِ فجر جي جماعت کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ روزانو ٽن آيتن جي تلاوت سان گڏ ترجموڪنزالايمان ۽ تفسير خزائن العرفان، تفسير نور العرفان، يا تفسير صراط الجنان، درس فيضانِ سنت، منظوم شجرهٔ قادريہ رضويہ عطاريہ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي ترڪيب ٿيندي آهي. (ياد رهي! بعد فجر مدني حلقي ۾ صرف فيضانِ سنت مان ئي درس جي ترڪيب ٿيندي آهي)

12 مدني ڪمن مان روزانو هن مدني ڪم ”بعدِ فجر مدني حلقو“ جي تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي رسالي ”بعدِ فجر مدني حلقہ“ جو مطالعو فرمايو، تمام اسلامي ڀائر هن رسالي جو لازمي مطالعو ڪن، هي رسالو مڪتبة المدينہ تي دستياب هجڻ سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تان بہ پڙهي سگهجي ٿو. هن رسالي جي برڪت سان اوهان پڙهي سگهندؤ. ❖ بعدِ فجر مدني حلقو ڪنهن کي چوندا آهن.؟ ❖ مدني حلقو لڳائڻ جو طريقو، ❖ اسلاف جا مدني حلقا، ❖ مدني حلقي جي معمولات جي وضاحت، ❖ فيضانِ سنت جي متعلق مفيد ڳالهيون، ❖ شجرو شريف پڙهڻ جون برڪتون، ❖ دعا جا فائدا، ❖ اشراق ۽ چاشت جون برڪتون، ❖ مدني حلقا لڳائڻ جا فائدا ❖ مدني حلقا لڳائڻ جون ڪجھ احتياطون وغيره

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! هن مدني حلقي جي برڪت سان مسجد ۾ ويهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو، ❖ بعدِ فجر مدني حلقي جي برڪت سان تلاوتِ قرآن ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جو شرف حاصل ٿيندو، ❖ بعدِ فجر مَدني حلقو قرآنِ پاڪ کي ترجمي ۽ تفسير سان گڏ سمجھڻ جو بهترين ذريعو آهي، ❖ بعدِ فجر مدني حلقي جي برڪت سان مدني انعامات تي عمل ڪرڻ جو جذبو ملندو آهي، ❖ بعدِ فجر

مدني حلقي جي برڪت سان اشراق ۽ چاشت جا نفل پڙهڻ جو موقعو ملندو آهي، ❖ بعدِ فجر مدني حلقي ۾ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ عَلَيْهِم جي ذڪرِ خير تي مشتمل شجرو شريف پڙهڻ ٻڌڻ جو شرف حاصل ٿيندو آهي، ۽ بزرگانِ دين جو تذڪرو ڪرڻ باعثِ رحمت آهي جيئن تہ حضرت سيدنا سفيان بن عُيَيْنہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نيڪ ماڻهن جي ذڪر جي وقت رحمتِ الاهي نازل ٿيندي آهي. (حِلْيَةُ الْاَوْلِيَاء، ۷ / ۳۳۵، رقم:۱۰۷۵۰).

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! بزرگانِ دين جي ذڪرِ خير تي مشتمل هن مبارڪ شجري جي برڪت سان ڪيترن ئي عاشقانِ رسول جا رُڪيل ڪم ٺهجي ويندا آهن. اچو! بطورِ ترغيب هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ شجرو شريف پابندي سان پڙهڻ جي نيت ڪيو. جيئن تہ

## ويزا ملي وئي

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14 سالن کان بيرونِ ملڪ ۾ مقيم ۽ 6 سالن کان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ آهن. جتي اُن جو پنهنجو ڪاروبار(Business) آهي. ان کي هڪ ڀيري پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي ضرورت پئي. اُن ويزن جي لاءِ باربار درخواستون جمع ڪرايون پر ڪافي ڪوشش جي باوجود ويزا نہ ملي سگهيا. ڪيئي سال ايئن ئي گذري ويا، اهو ڏاڍو پريشان هو ڇو جو ملازم نہ هجڻ جي وجهہ سان اُنکي نقصان ڪٽڻو پئجي رهيو هو. بهرحال ان همت ڪري هڪ ڀيرو ٻيهر درخواست جمع ڪرائي. انهيءَ دوران هڪ اسلامي ڀاءُ اُن کي ”شَجَرَۂ قادِرِيَّہ رَضَوِيَّہ ضِيا ئِيَّہ عَطَّارِيَّہ“ مان شجرهءِ عاليہ جا دعائيہ اشعار پڙهڻ جو مشورو ڏنو. اُن شجري شريف مان دعائيہ اشعار بِلاناغہ پڙهڻ شروع ڪري ڏنا.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! شَجَرَۂ عَالِيَہ قادِرِيَّہ رَضَوِيَّہ عَطَّارِيَّہ پڙهڻ جي برڪت سان اُن جو اهو ڪم جيڪو ڪيترن ئي سالن کان نہ پئي ٿيو اهو حيرت انگيز طور تي ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ٿي ويو يعني اُن کي مطلوبہ تعداد ۾ ويزا ملي ويا.

(شرح شجره قادريہ رضويہ ضيائيہ عطاريہ،ص۱۷۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! جهڙي طرح تعويذ ۽ وظائف مصيبتن، پريشانين ۽ بيمارين کان نجات ڏيارڻ ۾ فائديمند آهن، اهڙي طرح قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ بہ پريشانين ۽ بيمارين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين وظيفو آهي، تِلاوتِ قرآنِ پاڪ جي برڪت ۽ الله پاڪ جي رحمت سان اسان جا ڪيئي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. جيئن تہ

## قرآن مان علاج

هڪ شخص مَڪِي مدني سُلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ حلق (ڳلي) ۾ درد جي شڪايت ڪئي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايايو: قرآن پڙهڻ اختيار ڪر. (شعب الايمان،۲/۵۱۹، حديث:۲۵۸۰)

اهڙي طرح هڪ شخص بارگاھِ رسالت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: منهنجي سيني ۾ تڪليف آهي. ارشاد فرمايائين قرآن پڙهو، اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو: وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ (پ۱۱،يونس:۵۷) (ترجمو: ۽ دلين جي صحت). (تفسيردرمنثور،يونس،تحت الآيہ : ۵۷، ۴/۳۶۶) بلڪ قرآنِ ڪريم تہ مختلف بيمارين جي بهترين دوا بہ آهي. جيئن تہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: خَيْرُالدَّوَاءِ اَلْقُرْاٰنُ يعني بهترين دَوا قرآنِ ڪريم آهي. (ابن ماجہ،ڪتاب الطب،باب الاستشفاء بالقرآن،۴/۱۱۶،حديث:۳۵۰۱)ھ

حضرت علامہ عبد الرَّؤف مُناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: يعني بهترين تعويذ اُهو آهي، جيڪو ڪنهن قرآني آيت جي ذريعي سان ڪيو وڃي، جيئن تہ

سيپاري 15 سورة بني اسرائيل جي آيت نمبر 82 ۾ ارشاد آهي:

وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ

ترجمو: ۽ اسان قرآن ۾ نازل ڪريون ٿا اها شيءِ جيڪا ايمان وارن جي لاءِ شفا ۽ رحمت آهي.

پوءِ قرآنِ مجيد دل، بدن ۽ روح سڀ جي لاءِ دوا آهي. جڏهن ڪجھ ڪلامن جون بہ خاصيتون ۽ فائدا هوندا آهن، تہ پوءِ ربّ ڪريم جي ڪلام جي باري ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي، جنهن جي فضيلت ُبين ڪلامن تي اهڙي آهي، جيئن الله پاڪ جي سندس مخلوق تي. قرآنِ پاڪ ۾ ڪجھ اهڙيون آيتون آهن جيڪي خاص مرضن ۽ مصيبتن جي خاتمي جي لاءِ آهن، انهن آيتن جي سڃاڻپ خاص ماڻهن کي هوندي آهي. (فيض القدير،٣/٦٢٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! قرآنِ پاڪ جي هر سورت جي پنهنجي ئي فضيلت، خاصيت ۽ شان آهي جيڪا جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ، رنج ۽ غم مٽائي ڪري دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ ۽ مرض کان نجات ڏيارڻ جي لاءِ ڪافي آهي. اچوتہ ! ترغيب جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”جنتي زيور“ مان قرآنِ پاڪ جي ڪجھ سورتن جا فضائل ۽ خاصيتون ۽ فائدا ٻڌون ٿا.

## قرآني سورتن جا فضائل ۽ خاصيتون ۽ فائدا

❖ سُوْرَةُ الْفَاتِحَه 100 ڀيرا پڙهي ڪري جيڪا دُعا گهري وڃي، قبول ٿيندي آهي، ❖ سُوْرَةُ الْبَقَرہ جي تلاوت سان شيطان گھر مان ڀڄي ويندو آهي  آيَةُ الْكُرسى پڙهڻ سان محتاجي دور ٿي ويندي آهي. ❖ سُوْرَةُ الْكَهْف کي هميشہ پڙهڻ وارو دجّال جي فتنن سان محفوظ رهندو، ❖ والدين جي قبر تي هر جُمعي تي سُورۀ يٰسٓ جي تلاوت ڪرڻ سان هِن جي حروفن جي تعداد جي برابر، اُن( پڙهڻ واري) جا گناه بخشجي ويندا آهن، ❖ سُورةُ الدُّخان پڙهڻ سان مشڪل دور ٿي ويندي آهي، ❖ جيڪو مرڻ جي قريب هجي اُن تي سورةُ الجاثِيہ جو دم ڪرڻ سان اُن جو خاتمو بالخير ٿيندو، ❖ **سُوْرَةُ الحُجُرات** جو پڙهڻ ۽ دم ڪري پيئڻ گھر ۾ خير ۽

برڪت جي لاءِ مفيد آهي، **سُوْرَةُ قٓ** پڙهڻ سان باغ ۾ ميون جي ڪثرت ٿيندي آهي، **سُوْرَةُ الرَّحْمٰن** 111 مرتبا پڙهڻ سان تمام مقصد پورا ٿي ويندا آهن، **سُوْرَةُالْوَاقِعَه** جيڪو شخص روزانو پڙهندو، اُن کي ڪڏهن به فاقو نه ٿيندو، **سُوْرَةُ الْمُلْك** کي هر رات ۾ پڙهڻ وارو عذابِ قبر سان محفوظ رهندو، **سُوْرَةُالْمُزَّمِّل** 111 مرتبا پڙهڻ سان هر مشڪل آسان ٿي ويندي آهي، **سُوْرَةُ الْمُدَّثِّر** کي پڙهي ڪري حفظِ قرآن جي دعا گهرڻ سان قرآنِ ڪريم جو ياد ڪرڻ آسان ٿي ويندو، **سُوْرَةُالنّٰزِعٰت** پڙهڻ سان سڪرات جي تڪليف نه ٿيندي، **سُوْرَةُ الضُّحٰى** پڙهڻ سان پڇي ويل ماڻهو واپس اچي ويندو، **سُوْرَةُ اَلَمْ نَشْرَح** کي جنهن مال تي پڙهيو وڃي، اُن ۾ خوب برڪت ٿيندي، **سُوْرَةُالتِّيْن** 3 ڀيرا پڙهڻ سان اخلاق ۽ ڪردار بهترين ٿيندا آهن، **سُوْرَةُ الْعَلَق** ۾ جوڙن جي سور جو علاج آهي، **سُوْرَةُالْقَدْر** جيڪو صبح ۽ شام پڙهندو، الله پاڪ اُن جي عزت وڌائي ڇڏيندو، **سُوْرَةُ الْبَيِّنَه** ڪوڙهه ۽ يرقان جو علاج آهي، **سُوْرَةُ الزِّلْزَال** چوٿائي قرآن جي برابر آهي، جنهن ماڻهوءَ يا جانور کي نظر لڳي هجي، اُن تي **سُوْرَةُالْعٰدِيٰت** جو دم مفيد آهي، **سُوْرَةُ الْقَارِعَه** پڙهڻ سان بلائن کان حفاظت رهندي آهي، **سُوْرَةُالتَّكَاثُر** کي 300 ڀيرا پڙهڻ سان تمام جلد قرض اَدا ٿي ويندو آهي، **سُوْرَةُ الْعَصْر** پڙهڻ سان غم دور ٿي ويندو آهي، **سُوْرَةُ الْهُمَزَه** ۽ **سُوْرَةُالْفِيْل** دشمن جي شر کان حِفاظت ۽ **سُوْرَةُ قُرَيْش** جان جي حِفاظت جي لاءِ مجرب آهي، **سُوْرَةُالْمَاعُوْن** وڏي مشڪل جي وقت پڙهڻ گهڻو مفيد آهي، **سُوْرَةُالْكَوْثَر** جي تلاوت سان بي اولاد، صاحبِ اولاد

تي ويندو آهي، سُوْرَةُ الْكَافِرون چوٿائي قرآن جي برابر آهي، سُوْرَةُ الْاِخْلَاص ٽهائي قرآن جي برابر آهي، هن جا ڪيترائي فضائل آهن، سُوْرَةُ الْفَلَق ۽ سُوْرَةُ النَّاس سان جنن ۽ شيطانن ۽ حاسدن جي شر کان حِفاظت رهندي آهي. (جنتی زیور،ص۵۸۸)
اي ڪاش! سڀ مسلمانن کي تلاوتِ قرآن ڪرڻ جو جذبو نصيب ٿي وڃي.
اچو! امير هلِسنت جي دعا ۾ شامل ٿي وڃون:

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی
(وسائلِ بخشش مرمم،ص۱۰۲)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلسِ هوميو پيٿڪ ڊاڪٽرز

سُبْحٰنَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ! ڏٺو اوهان قرآني سورتن جا ڪهڙا ڪهڙا فضائل ۽ برڪتون آهن، لهٰذا روزانو ڪم از ڪم هڪ سيپارو يا جيترو ممڪن ٿي سگهي تلاوتِ قرآن جو معمول بڻائي ڇڏيو، جيڪڏهن قرآن پڙهڻ نٿو اچي تہ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت مختلف مسجدن ۾ لڳڻ وارن مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهو. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڪجهہ ئي عرصي ۾ درست قرآن پڙهڻ سان گڏوگڏ ڪيترن ئي شرعي مسئلن جي بہ ڄاڻ نصيب ٿيندي. مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي ڪم و بيش 105 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن مان هڪ شعبو "مجلس هوميو پيٿڪ ڊاڪٽرز" بہ آهي.

موجوده دور ۾ عِلاج جا مُختلف طريقا رائج آهن، ايلوپيٿڪ طريقۂ علاج ۾ ميڊيسن سان علاج ڪرڻ وارن کي ايلوپيٿڪ ڊاڪٽرز، هوميو پيٿڪ طريقۂ

علاج ۽ دوائن سان علاج ڪرڻ وارن ڪي ”هوميوپيٿڪ ڊاڪٽرز“، يوناني طِب وارن ڪي حڪيم چيو ويندو آهي، عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ طبيبن جي هر طَبقي جي لاءِ هڪ الڳ مجلس قائم ڪئي وئي آهي، ان سمورين مَجلسن جو بنيادي مَقصَد ان پيشي سان وابسته ماڻهن جي دلين ۾ فَرض عُلُوم جي اَهميت اُجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن تائين دعوتِ اسلامي جو مدني پيغام پهچائڻ ۽ انهن ڪي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ڪندي هن مدني مقصد ”مون ڪي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه “جي مُطابِق زندگي گذارڻ جو مدني ذهن ڏيڻ آهي.

الله پاڪ دعوتِ اسلامي جي تمام مجلسن ۽ شعبن ڪي وڌيڪ ترقيون عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

(وسائل بخشش مرمم،ص۳۱۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ذڪرِ دُرُود جا مدني گُل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪي اختتام جي طرف آڻيندي ذڪر ۽ درود جا ڪجهه مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. پهريان فرامينِ مصطفيٰ ملاحظ ڪيو: (1) فرمايائين: پنهنجي ربّ ڪريم جو ذڪر ڪرڻ وارن ۽ نہ ڪرڻ وارن جي مثال زنده ۽ مرده جي طرح آهي. ( بخاری، کتاب الدعوات، ۲۲۰/۴، حدیث:۶۴۰۷)

(1) فرمايائين: قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ منهنجي تمام ويجهو اهو هوندو جنهن دُنيا ۾ مون تي زياده دُرودِ پاڪ پڙهيا هوندا. (ترمِذی، ۲۷/۲، حدیث:۴۸۴ )

❖ الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ روحاني غذا آهي. ❖ الله پاڪ جو ڪثرت سان ذڪر

ڪيو، الله پاڪ جا خاص ٻانها ٻڌجي ويندؤ. (اعرا بی کے سوالات اورعربی آقا کے جوابات،ص۳) ❖ حضرت سيدنا سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جن فرمايو: مرغ چوندو آهي: اُذْكُرُوااللهَ يَاغَافِلِيْن يعني اي غافلو! الله پاڪ جو ذڪر ڪريو. (فيض القدير،١ /٤٨٨،تحت الحديث: ٦٩٥) ❖ دُرود شريف پڙهڻ دراصل پنهنجي پالڻهار جي بارگاهه ۾ دعا گهرڻ جي هڪ بهترين ترڪيب آهي. (گلدستهٔ درودوسلام ،ص٢٢ملخصا) ❖ دُرود ۽ سلام الله پاڪ ۽ اُن جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا جو سبب آهي. (گلدستهٔ درود و سلام ،ص١٢ملخصاً) ❖ حصول برڪت ۽ حضور سراپا نور، شاهِ غيور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قربت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪثرتِ دُرود ۽ سلام ڪان وڌيڪ ڪوبہ ذريعو ناهي. (گلدستهٔ درود و سلام،ص١٧ملخصاً) ❖ دُرود پاڪ دعا جي قبوليت جو سبب آهي. ❖ دُرودِ پاڪ تمام پريشانين ڪي دور ڪرڻ جي لاءِ ۽ تمام حاجتن جي پوري ٿيڻ جي لاءِ ڪافي آهي. (تفسيردرمنثور،پ٢٢،الاحزاب،تحت الآية٦،٥٦/٦٥٤، ملخصًا) دُرودِ پاڪ گناهن جو ڪفارو آهي. (جلاء الافهام، ص٢٣٤) ❖ درود پاڪ صدقي جو قائم مقام بلڪ صدقي ڪان بہ افضل آهي. (جذبُ القلوب، ص٢٢٩) ❖ دُرود شريف پڙهڻ سان مصيبتون ٽري ويندون آهن. ❖ دُرودِ پاڪ پڙهڻ سان ظلم ڪان نجات حاصل ٿي ويندي آهي. ❖ دُرود پاڪ پڙهڻ سان خوف دور ٿي ويندو آهي. ❖ درود پاڪ پڙهڻ سان دشمنن تي فتح حاصل ٿيندي آهي. ❖ درود پاڪ پڙهڻ سان قيامت جي هولناڪين سان نجات حاصل ٿيندي آهي. ❖ درود پاڪ پڙهڻ سان موت جي تڪليفن ۾ آساني ٿيندي آهي. ❖ دُرود پاڪ جي پڙهڻ سان دُنيا جي تباهڪارين سان نجات ملندي آهي. ❖ دُرودِ پاڪ پڙهڻ سان تنگدستي دور ٿي ويندي آهي ۽ درود پاڪ پڙهڻ سان وسري ويل شيون ياد اچي ويندييون آهن. (جذبُ القلوب، ص٢٢٩)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ايندڙ هفتيوار اجتماع ۾ اسان اصحابِ صُفَّه عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي شان ۽ عظمت ۽ انهن جي قُربانين جي باري ۾ ٻڌنداسين. هنن الله جي پيارن مان ڪجهه مشهور صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي مبارڪ زندگين جي باري ۾ ڪجهه ايمان افروز واقعا به ٻڌنداسين. اصحابِ صُفَّه جي سيرت مان اسان کي ڪهڙو درس ملندو آهي، اهي ڪهڙا سبب هئا جو اصحابِ صُفَّه پنهنجا گهرٻار، اهل ۽ عيال ۽ فڪرِ روزگار سان بي نياز ٿي ڪري مسجدِ نبوي ۾ ئي رهندا هئا، هي سڀ ايندڙ اجتماع جي بيان ۾ اسان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، تنهنڪري اڄڻ واري جمعي رات به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪيو ۽ هٿ مٿي ڪري زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3] …القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف ڪي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. [1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي. [2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي. [3]

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1… مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305